ੴ

ڏهن اوتارن کي وينتي



پشپ ڀيٽ

نت نيم شرڌا سان پاٺ ڪرڻ

ॐ

اوم شري ستنام ساکي

ڏهن اوتارن کي وينتي

زندگي خاص از براءِ بندگي
زندگي بي بندگي شرمندگي اَست

پرڪاشڪ : پرسرام گوبند رام ٻجلاڻي
ميران پون - سري نگر روڊ
اجمير - ٣٠٥٠٠١
فون - ٣٠٢٢٣

ديد پئي درويش - دي مک پئي
درشن پئا ديدار - واهه واهه



سنت ڏاندورام صاحب
(وڏا ساڌ صاحب جتوئي)

آپ مکت مکت کري سنسار
نانک تس جن کؤ سدا نمسکار

پـاڳـ هوئـا گورو سنت ملائيا
پـريـ آبناسي گهر مهہ پـائيا .

سلوڪ

جنم مرڻ ڪـان بـچ - گيان وڻي گورديو ڪـان
ٻيو سـپ جوت پسار آ - گورو شبد نـج سـچ
سـچ پڪڙي پرتيت سان - من سان ٿياڳي ڪـچ
ڇيڙ جامي سـان نـچ - داسا در داتـار جي .



سنت هوتورام صاحب

آگ لڳي سنسار ۾ - جهر جهر ڳرنا انگيار
جو سنت نہ هونئي جڳت ۾ - تہ جل مرتا سنسار

گرمکھ جنم سنوار-
درگھہ چليا سمرڻ

أهي هميشه زندھ آهن جن جي هردي ۾ هري هردم ياد رهي ٿو. جن جو نيهن نت نيم سان رهيو سي هن سنسار مان کوچ ڪندي بہ سدائين پنھنجن سنبنڌين عزيزن ۽ پيارن کي ياد رهن ٿا. اهڙي هئي اسان جي منڙي جيجل ماتا ميران ٻائي ڌرمپتني پرسرام ٻجلاڻي جنهن جو پرم پو جنيھ سنت بابا ڏاند ورام صاحبن ۾ اٽل وشواس ۽ صدق هو. سدائين سنتن صاحبن جي درشن ۽ شيوا جو وجھہ وٺي وڃي چرنن ۾ سيس نوائي حاضري ڀريندي هئي.

هي ڏهن اوتارن کي وينتي سنت صاحبن جي لکيل آهي ۽ پاٺ نت نيم ستگورن کي اُستتي ڪندا هئا سا اسين گهڻي سک ۽ عزت

هر ڪو هليو لوءِ - ڪو اڳي ڪو پوءِ



سرڳواسي شريمتي ميران ٻائي ٻجلاڻي

جنم - ٢ فيبروري ١٩٣٠

سرڳواس - ٥ نومبر ١٩٨٧ (گر پرب)

سان سرڳواسي منھنجي جيجل ميران ٻائيءَ کي سندس پهرين ورسي گر پرب ٢٣ نومبر ١٩٨٨ تي سمرپڻ ڪريون ٿا سندس پوتر ياد ۾.

شل ستگورو سندس آتما کي شانتي بخشي.

وڏو فرزند - رامچندر - ننهن چندران ٻائي ٻجلاڻي
ننڍڙو فرزند - هيرالعل - ننهن رمولا ٻائي ٻجلاڻي
پوٽو : آشيش رامچندر ٻجلاڻي
پوٽي : چاندني رامچندر ٻجلاڻي

هري اوم

شانتي ! شانتي !! شانتي !!!

اڪونڪار ستگر پرساد

ڏهن اوتارن جي وينتي

هي ايشور، ستگرو نانڪ ديو نماڻيءَ جا ماڻ

ديــنن جا ديــال - ڪرپا جــا ساگر، مون نماڻيءَ اڌين پتريءَ تي ڪرپا ڪريو، جيئن سوامي پتا توهان جو نام نه وسري. هي ايشور اڳي ته داسن کي ڪڏهن ڪونه وساريو آئو. پتا هاڻي هن پنهنجي بالڪيءَ تي به ديا جي نگاهه ڪري درشن ڏيو.

اوري اچو اورياڻو منهنجا نالي مڻل گرو نانڪ ديو. پتا هن منگتيءَ کي پنهنجي نام جو دان بخشيش ڪريو جو سوامي جن جو منتر و نام جپي من ٺاريان، نت نت نيڻ ڪٽي نهاريان تي. پتا هاڻي اچي وڇوڙي جا ڏک دور ڪريو، منهنجا نالي مڻل گرو نانڪ ديو، پتا مون پتريءَ کي ڪيترا ڏينهن سائين جي در تي سوال ڪندي ٿيندا، آلائي ڪڏهن نام جپڻ جو دان ڏيندا؟ پتا مان سائين جي نام جپڻ ڪانسواءِ ڏاڍو دکي ٿي گذاريان. پتا

امرت روپي پنهنجو نام بخشيش ڪندا؟ پتا توهين ديالو آهيو، ڪرپالو آهيو. هاڻي سگهو پنهنجو نام ڏيو ته جيئن سائينجن کي ريجهايان ٻوءِ درشن ڪريان. او منهنجا نالي منل گرو رامداس صاحب سائين.

٥. هي ايشور مهاراج گرو ارجن ديو صاحب سائين

سنسار روپي سمنڊ تي پـار ڪرڻ ۾ جهاز روپ جو توهين آهيو جو دشمن کي ٻه توهين سڄڻ ڪندا آهيو. اهڙا دين ديال توهين مون پتريءَ کي ٻه ديا جي نگاهه ڪري سنسار سمندر مان پار ڪريو. پتا مان ٻــه نيت اوهان جي ٻالڪي آهيان، او منهنجا نالي منل گرو ارجن ديو صاحب سائين.

٦. هي ايشور هرگوبند صاحب سائين

دشمن کي ناس ڪرڻ وارا مون پتريءَ جي وڪارن روپي دشمن کي ناس ڪريو جي پتا توهان جي نام جپڻ ۾ اچي ٿا وگهن وجهن، تن وڪارن کي ناس ڪري مون ٻالڪيءَ جي رکيا ڪريو، او منهنجا نالي منل گرو هرگوبند صاحب سائين.

هاڻي سگهو ئي داسيءَ جا ڏک دور ڪريو.
منهنجا نالي منڊل گرو نانڪ ديو صاحب سائين.

٢. هي ايشور ڪميا جا گهر گرو انگد ديو صاحب سائين

مون پٽريءَ جا آپراڌ ڪميا ڪريو چو تہ پتا توهان ديا ڪري سد يو پاپين کي پوتر ڪندا آهيو. هاڻي هن پاپڻ کي سگهو ئي پنهنجو امرت روپي نام ڏئي پوتر ڪريو جو سوامي سائينجن جا درشن ڪري ڏک دور ڪريان، او منهنجا نالي منڊل گرو آنگد ديو صاحب سائين.

٣. مهاراج سري گرو امر داس صاحب سائين

مون پٽريءَ جي هردي ۾ پنهنجي نام جي پڳتيءَ کي ڪڏهن امر ڪندا جو مان سائينجن جي نام کي چت ۾ وسائيندس؟ سائينجن کي چت ۾ وسائي چت ٺاريندس. او منهنجا نالي منڊل گرو امرداس صاحب سائين.

٤. مهاراج سوامي گرو رامداس صاحب سائين

امرتسر جا واسي، مون پٽريءَ کي ڪڏهن

در ٻهاري دار اچي ٿيان جو روز تو هان جو مکہ ڏسي من ٺاريندس چرن چٽ ۾ وسائي چٽ ٺاريندس، او منهنجا نالي مثل گرو تيغ بهادر صاحب سائين.

١٠ هي ايشور ڪلنگي ڌر مهاراج سوامي گرو گوبند سنگهہ صاحب سائين

پتا سوڍي ڪل ۾ شرومن دشٽن کي ناس ڪرڻ وارا مون اپراڌن جي ڏوهن گناهن کي ناس ڪريو. پنهنجي نام جي پريما ڀڳتي بخشش ڪريو جو سديو توهان سوامين سان چٽ لڳو رهي، او منهنجا نالي مثل گرو گوبند سنگهہ صاحب سائين.

١١ هي ايشور ستگر و سرو وياپي. گرو گرنٿ صاحب سائين

اهو سڀاڳو ڏينهن سگهو ڪريو جو سائينجن جا وچن چٽ ۾ ڌاري انهن وچنن تي هلي ڪري اچي ملانو. پتا توهان ڏايا دِيالو آهيو. ڏايا ڪرپالو آهيو. مون پاپڻ کي بہ سگهو پاڻ سان ملايو، او منهنجا نالي مثل گرو گرنٿ ديو

۷. هي ايشور سنگرو هريراء صاحب شانت سروپ

مون داسيءَ جي هردي کي به پنهنجو نام جپائي ڦرٽن کي ناس ڪريو. پتا توهان جو وڏو برڌ آهي، توهين سديو رحم جو گهر آهيو. هاڻي رحم ڪريو جو سائينجن کي نه وساريان، او منهنجا نالي منل گرو هريراءِ صاحب سائين.

۸. اي ايشور شرن آئي جا پالڪ گرو هرڪشن صاحب سائين

اُهو سڀاڳو ڏينهن ڪڏهن ڪندا جو توهان جي نام جي هن بالڪيءَ جي هردي ۾ هرياول ٿيندي؟ پتا اُهو سڀاڳو ڏينهن سڳهو ڪريو جو سائينجن جو نام جپيان. پتا ڪلي ڪال ڏاڍو پيڙڪر آيو آهي، هن داسيءَ کي هٿڙا ڏئي رکو. نيٺ ته پتا توهين اڳي پوءِ رکيا ڪندا. او منهنجا نالي منل گرو هرڪشن صاحب سائين.

۹ هي ايشور ڌرم جا پالڪ گرو تيغ بهادر صاحب سائين

مون پٽريءَ جو به ڌرم رکو جو توهان سان انت سمي تائين نبي اچي ۽ پوءِ به توهان جي

(٣) هي جو محل ماڙيون چڙڏو باغ آهي
دنيا جي دامن ۾ ڦسيو منش آهي.
وڻي راهه ....
(٤) ويا سي سيلاني سڪندر ۽ دارا
هنيا هنڙا سيني رهيو ڪو نه آهي.
وڻي راهه ....
(٥) أٿي جا ڳ پنڪج مٿان ڪال آهي
پريو ڪان قهري اِئين ٿو أُلائي.
وڻي راهه ....
(٦) هليا وير ويڙا هلڻو تو پي آهي
ڪٽي وٺ سمر داس ڪڏڻ جو جڳائي.
وڻي راهه ....

ڀڄن

ڪر معافي - رام معافي
آءُ نماڻو عيبن هاڻو - نا ڪر ستگور مونسان ماڻو
کول أندر جي تاڪي - ڪر معافي رام معافي.
مون ۾ ڏوهه گهڻا نه پيا ٿي -
مون ۾ عيب گهڻا نه پيا ٿي -
ڪر معافي - رام معافي.

صاحب ۽ منهنجا نالي مثل گرو نانڪ ديو صاحب سائين.

وينتيءَ جو مهاتم

هيءَ وينتي جيڪو گرو نانڪ ديو جن جي مورت چت ۾ رکي گرو گرنٿ صاحب جي اڳيان روز پريم ۽ نيزاريءَ اپمان رهت ٿي ڪندو ته تنهنکي گرون سان ميلاپ ٿيندو. نام چت ۾ ايندو. ڪوبه دک نه ڏسندو ۽ تنهنکي ڪڏهن به ڪوسو واءُ نه لڳندو. هيءَ وينتي ستگرن جي داس ڏاندورام صاحب ڪئي شري دربار صاحب جنوئيءَ ۾ جنهن جو مهاتم آهي سمپورڻ پرم ڀڳتيءَ کي پائڻ لاءِ ڀڳتيءَ جو نمونو.

ڀڄن

(١) وٺي راهه ربانی ويا سي تہ ڪاهي
ڪريو ياد سڀئي هلڻو ضرور آهي.
وٺي راهه....
(٢) ڪريون پيا دنيا ۾ سڀو سمر ناهي
وڃايون سواس وئرٿ اجايو موهه آهي.
وٺي راهه....

ڏر و سيلا واهرو - پياري ڏاڻ ڏي ڏاتار تون
سنت ڏاند و رام سائين ....

(٣) تون پتا مان بال تنهنجو
منهنجو ننگ آهي تو مٿان
بال مونکي پاڻ پريتم - اُڙين جا آڌار تون
سنت ڏاند و رام سائين ....

(٤) اڄ مونکي آزاد ڪر-
سنسار جي سورن منجهان
مون سواليءَ جي سدا سڄڻ ساهه جا سينگار تون
سنت ڏاند و رام سائين ....

(٥) رام به تون ڪرشن به تون
منهنجي لاءِ موهن به تون
حال جو محرم به تون جاڻي جاڻڻ هار تون
سنت ڏاند و رام سائين ....

(٦) ورند چئي والي پڇائج
منهنجي من جي ڪامنا
طالب آهيان جنهن طلب جو
سا پوري ڪر ڪرتار تون
سنت ڏاند و رام سائين ....

تنهنجي درجي مان ٻانهي گولي -
آوليءَ مان تون ڪندي اچي سولي
تنهنجي چرنن جي آهيان داسي -
ڪر معافي - رام معافي.
توهين سوامي آهيو ديالو -
ڪرپا ڪريو اچي رام ڪرپالو
اي ايشور تون آبناسي -
ڪر معافي - رام معافي.
ڪڏهن ستگور مون وٽ ايندي -
ديا ڪري پنهنجو درشن ڏيندي
تنهنجي درشن جي آهيان پياسي-
ڪر معافي - رام معافي.
ڪرشن گر جو عرض اگهائيندي -
پنهنجو پاٺ سان پاٺ ملائيندي
ڪر تون من کي ناسي - ڪر معافي - رام معافي.

ٻچن سنتن جي مهما جو

(۱) سنت ڏاندو رام سائين ڪر ديا داتار تون
دور ڪر دک درد منهنجا لاهه غم غمنار تون
(۲) تون آهين پرڀوءَ جو پيارو
منهنجو تو ۾ پريم آهه

سلوڪ

رام نام ڪي لوُٽ هئہ
لوُٽ سڪي تہان لوُٽ
نا تو ڦِر پاڇي پڇتائوگي
جب پران جائينگي ڇوُٽ .

سوچ سوچ ڪر- وئي ويل ڪين ٿي
هاڙي بہ رام جپ - اَڇان مهل ڀئي ٿي .

پوار ٿڌا

ٿر گهر ٻسهہ هر جن پياري
ستگر تمري ڪارج سنواري
دشٽ دوت پرميشور ماري
جنڪي پئج رکي ڪرتاري
بادشاهہ شاهہ سڀ وس ڪرديني
اَمرت نام مها رس پيني
نرڀئہ هوءِ ڀجو ڀڳوان
ساڌ سنگت مل ڪينو دان
شرن ڀڙي ڀريپ اَنترجامي
نانڪ اوٽ پکڙي پرڀ سوامي

آرتي

جئہ سنت بابا ڏاند ورام سائين -
جئہ سنت بابا ھوتورام سائين
صورت سھڻا من جيا موھڻا - اصلي آنند ڌام
جئہ سنت بابا ڏاند ورام سائين ....
ننڍ پڻ کان وئراڳي تياڳي خيال ڇڏيو ٻيا خام
بابا نارائڻداس نيھيءَ کان نوڙي ورتو نام
جئہ سنت بابا ڏاند ورام سائين ....
ساري عمر شيوا ڪمايو نرموھي نشڪام
اُن ڏن لڇمي خوب لٽايو جھڏ ڪمايو جام
جئہ سنت بابا ڏاند ورام سائين ....
اکنڊ پاٺ صاحب رکايو ايڏا دل کي ڏنو آرام
سمشتي ٻنڊارا سمر درشنيءَ جا ڪائن خاص ۽ عام
جئہ سنت بابا ڏاند ورام سائين ....
آڌيءَ رات اُٿي ڪري عاشق سمرن ڪيو ستنام
ساري حياتي نيم نڀاھي وسايو وئنڪنٺ ڌام
جئہ سنت بابا ڏاند ورام سائين ....
آرتي اوھان جي جيڪو ڳائي پائي وشواسي وسرام
داس موھن ٻيي رکي ڀروسو
ساڌ سنگت ٻيي رکي ڀروسو شرن ورتي اچي شام
جئہ سنت بابا ڏاند ورام سائين ....

سلوڪ

سڀ سنتن اُپديش - هڪ ئي آهي آد ڪان
ملي مايا موهہ مان - من جو ڪل ڪليش
دل اندر تون نا وساءِ - ڇڏ ٽو ٽي هي ديش
پريمي ڪر پرويش - سرڻيءَ سان ستنام ۾ .

سلوڪ

شرڻ پئي جي لاج - پاڻ رکي پوري گوروءَ
جهول جهلي مون عرض ڪيو - بخشيو مون محتاج
ڪرم ڌرم ۽ لياقتون - ڏسو نہ مون مهاراج
پورا ڪيائون ڪارج - برد سڃاڻي پنهنجو .

هري اوم

پرنٽرس : شري ڪرنا
سندر پرنٽنگ پريس
قيصرگيج ، اجمير